## س.ا.س سٽي سکر ڊات ڪام


# وَليون وَڻ ڦلارئا

## ڊجيٽل پبلشر

## سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽي سکر

## (ڊجيٽل ڪتاب) پبلشر

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com




**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# فهرست


❋ پهريون پنو (ٽائيٽل)

❋ گذارش

❋ مهاڳ (جبران خليل جبران)

❋ شاعري (متفرقات)


## ادل بابت اديبن جا رايا


❋ نصير مرزا

❋ غلام محمد گرامي

❋ سلميٰ صديق قاضي

❋ آخري پنو



**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# گذارش

## محترم دوستو!

سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر ستيءَ جي سائيٽ تي اوهان دوستن جي لاءِ سنڌ جي نامور ادبي هستين جو ادب ڪاميابيءَ سان شايع ٿي رهيو آهي. اسان وٽ تمام گهڻيون اي - ميل آيون آهن جن ۾ اسان جي تمام ننڍي ڪوشش جون واڌايون ڏنل آهن. اوهان دوستن جا لک لائق.......

اسان اميد ٿا ڪريون ته اوهان ادل سومري جي هن ڪتاب کي به تمام گهڻو پسند ڪندؤ

اسان اها به اُميد ٿا ڪريون ته اوهان پنهنجي قيمتي مشورن سان اسان کي وقت به وقت نوازيندا رهندا ته جيئن اسين هن سائيٽ کي بهتر کان بهتر بڻائي سگهون.

ساٿ سلامت

مهرباني



اوهان جي مشوري جو منتظر

**عبداللطيف انصاري**

**شمس آباد سکر سنڌ**

فون: 0333.7146119

اي ميل ؛ abdullateefansari@yahoo.com

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# مهاڳ

## مرڪ جو هڪڙو موتي گهرجي

شاعر هن لوڪ ڪي پرلوڪ سان ملائڻ واري هڪ ڪَڙي آهي. هو مِٺي پاڻيءَ جو اهو چشمو آهي، جنهن مان اُڃايل رُوح پنهنجي پياس پُوري ڪن ٿا. هو سُندرتا جي دَرياهه ڪناري، تازن ميون سان ڀرپور وڻ آهي، جنهن مان بُکايل دليون ڍوءُ ڪن ٿيون. هو شاعريءَ جي لامن تي اُڏامندڙ بُلبل آهي، جا مٺا مٺا گيت ڳائي دل جي خالي ڪُندن کي ميٺاج جي رَسُ سان ڀري ٿي. هو انهيءَ بادلَ سمان آهي، جو ڳاڙهي شفق جي ڪناري تان اُٿي، وڏندو اچي ٿو، ۽ پوءِ سَڄي آڪاش ۾ ڦهلجي وڃي ٿو: وري برسات جي روپَ ۾ وسي ٿو، ته زندگيءَ جي باغيچي کي گُلزار ڪريو ڇڏي، ۽ هر هنڌ مُڪڙيون ٽڙيو پون. هو خُدا جو موڪليل فرشتو آهي، جيڪو انسان کي سندس پيغام پهچائي ٿو. هو ڌرتيءَ تي ڦهلجي ويندڙ سوجهرو آهي، جنهن تي ڪڏهن به انڌڪار ڦهلجي نٿو سگهي. هو محڪم ارادي وارو آهي، جو پريم ۽ سنگيت جي ديويءَ کان پنهنجو پرڪاش حاصل ڪري ٿو.

هي اهو ئي شاعر آهي، جنهن کي زندگيءَ ۾ ڪير ڪونه سُڃاڻي، پر هن دنيا کي ڇڏڻ بعد، جڏهن هو پنهنجي حقيقي ديس طرف هليو وڃي ٿو، تڏهن سندس پوڄا شُروع ٿئي ٿي. ها، هي اُهوئي شاعر آهي هو انسان کان، هڪ هلڪيءَ مُرڪ بنان ٻيءَ ڪنهن به شيءِ جي تمنا نٿو رکي.

اي شاعر...!

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آخر ڪيسيتائين تون انهن کي شان مان سان شاهي محل ٺهرائي ڏيندين، جن ڌرتيءَ جي مٽاچري کي خون جي ڇنڊن سان لال ڪري ڇڏيو آهي! آخر ڪيسيتائين تون ظالمن، هٿيارن ۽ آزاد انسانن کي غلام بنائڻ وارن کي نظر انداز ڪندو رهندين، ۽ ڪيسيتائين انهن ڪمزور ۽ مجبورن کي وساريندو رهندين، جيڪي سدائين تنهنجي سوڀَ لاءِ سڪندا رهن ٿا.

**جبران خليل جبران**

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# انسانن جو ابتدائي احتجاج

وحشتون آهن انڌيرا،
پيار آهي روشني
ٻارڙن جو وارڍ آ، روشن مگر پوءِ بہ اُداس!
بسترن تي بي سَتا، بيمار هيڊا ٻارڙا،
روشنيءَ جي ترورن تي نيڻ جن جا،
واءُ ۾ ڏيئن جيان ٽمڪن پيا.
مائرون ٻارن جون آهن بيقرار
ڏينهن ڏسڪن راتيون جاڳن،
ڪن اهوئي انتظار:
”ٻارڙن جا مُک مرجهايل
گُل تي ٽڙندا ڪڏهن؟“
سُونهن سان چاهت رکي تو هر ڪو من،
سُونهن آهي سوجهرو
وحشتون آهن انڌيرا ـ
اوچتو ڪنهن پل جڏهن،
وارڊن مان گُم ٿي وڃي ٿي روشني،
بسترن تي بي سَتا، بيمار هيڊا ٻارڙا
پاڻ ۾ ساري سمايل سگهہ سان،
روئي ٿا ڪن ڏاڍو آواز ـ
ٻار جو اوندهہ ۾ روئڻُ،
انسان جو وحشت خلاف، ابتدائي احتجاج!

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پينگهه تي او پوپري! تنهنجو لڏڻُ،
ڪين ٿو وسري سگهي، تنهنجو ڪلڻُ!

ڪنهن جهُڙاليءَ شام جو توڪي ڏٺم،
هر طرف هو سُونهن جو سيلاب ڇڻُ!

روز سپُنن ۾ ڪچهريون ٿي ڪرين،
ساپيا ۾ شال ٿئي تنهنجو ملڻ.

جنهن جي وارن ۾ سدائين رات آ،
سِج ڪان وڏ آهي سو منهنجو سڄڻُ.

نيڻ واٽن تي سدا ٻرندا رهيا،
پر نہ ٿيو پُلجي ڪڏهن تنهنجو اچڻ!

ڏات جي صحرا ۾ سُندر سوچَ جو،
بادلن جي پوئتان پياسو ڊُڪڻ.

محبتن جون مشعلون جلنديون رهن،
نفرتن جو ٻاٽ ۾ آهي مرڻُ.

اي پرين! تون سنڌ مان گُذرين جڏهن،
ڪين پُلجان پونءَ جي مٿي ڪٽڻُ.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# اعتراف

مون کان منهنجا شعر ويا وسري،

جڏهن ڏٺو مون توکي ـ

۽ پوءِ سوچيم

پڪ ٿيم:

سچي حياتي،

آءٌ نہ جوڙي سگهندس جاني!

تنهنجي چهري جهڙو گيت.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## وڇوڙو

پيارا!

تنهنجي وڇڻ ڪانپوءِ

منهنجو جيون،

ائين لڳي ٿو:

ڄڻُ ڪنهن پڪل پوک ۾ ماڪڙ۔

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سُونهن سيڪاريا سُرَ
ساز اڱيئي ساهہ ۾:

مُرڪ جو هڪڙو موتي گهرجي،
گهٽي تہ ناهي گهُرَ-
ساز اڱيئي ساهہ ۾:
سُونهن سيڪاريا سُرَ

هَٿ تريءَ تي ميندي‎ءَ جا گُلَ
چينين جهڙي چُرَ-
ساز اڱيئي ساهہ ۾:
سُونهن سيڪاريا سُرَ

اڪِ جڏهن جو اڪ سان اٽڪي،
ڪيڏي تي وئي ڦُرَ.
ساز اڱيئي ساهہ ۾:
سُونهن سيڪاريا سُرَ

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

راڳيءَ جي نيڻن مان لُڙڪن جون قطارُون،
ٽُٽي رات ويئيون، تنبوري جون تارون.

جُدائيءَ جا آهن وڏا گهاوَ گهرا،
بيٺاريءَ تي تنها پکيءَ جون پُڪارون.

هوائن ۾ زخمي ٿا پوپٽ اُڏامن،
خزائن جي سنگهرن ۾ باندي بهارون.

سدا پاڻ سُپنن ۾ سوپُون ٿا ماڻيون،
ملن ساپيا ۾ اسانکي ٿيون هارُون.

پرين سان ئي ٿيندا رهن ٿا رُساما،
پراون ڏي او يار! ڪهڙيون مَيارون.

سانجهيءَ ڦليليءَ تي ميگهن ملهارون،
آيون تنهنجون سارُون، ٿيو مَنُ ڦارون.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# سِج جو لُڙڪ

مون کان پُڇ
چُپ رهي او سڄڻ!
ايڏو نہ لُڇ
ڪجھ تہ ڪڇ!
ان کان اڳ جو تنهنجا جذبا،
تنهنجي اندر منجھ سڙي،
ٻاڦ جو روپ ڌاري
تنهنجي اکين جي ڪناري،
ٽي ٽڏا
تنهنجو ڳلن تان پَوَن ڳڙي ـ
مون کان پُڇ
ڪجھ تہ ڪُڇُ.
پر جيڪڏهن لُڙڪن سان تنهنجي
دل وئي آهي لڳي،
تا ڀاڻ ئي تون لُڙڪ ٿي پَئُہ
سج جو لڙڪ ـ
ائين جي ٿي نٿو سگھين،
تہ مون کان پُڇُ
ڀڙڪ،
ڀنيٺ ٿي ڀَڙڪ!
جوتہ جيڪو جيؤ،
اُجھاميل آهي،
جڻُ تہ مئل آهي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هل تہ وساريون واسرا،
آهي ڳھُٽَ فليٽن ۾!

هيڏي هُل هشامَ ۾،
منجھيل سارا مامرا.
آهي ڳھُٽَ فليٽن ۾!
هل تہ وَسايون واسرا ـ

سارِيون* تتل روڊ تي،
ڪوهہَ چپر جا چانورا.
آهي ڳھُٽَ فليٽن ۾!
هل تہ وَسايون واسرا ـ
دونهنَ نگر ۾ ڊوڙندي،
ساهہَ بہ ٿي ويا سانورا.
آهي ڳھُٽَ فليٽن ۾!
هل تہ وَسايون واسرا ـ

*سارِيون ــ ياد ڪيون

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

توکي ڪيئن مان چنڊ چوان!
سائيءَ ورتل هيڊو هيٺو،
پوڙهو چنڊ
ٿوڙهو چنڊ ـ
تنهنجن ساهَن ۾ سُرهاڻ
تنهنجي ڇاتيءَ ۾ مهراڻ ـ
تنهنجا ڪارا وار ائين ڄڻُ،
مياٺيءَ ٻيلو ـ
تنهنجو مُرڪڻ،
پريات جو ڦٽڻ
ماٺيءَ ڍنڍ ۾
ڪنول جو ترڻُ
تاري جو ٽُٽَڻُ ـ
توکي ڪيئن مان چنڊ چوان!
ڪوڙهه ورتل جهونو جهيٺو
بيمار چنڊُ
لاچار چنڊُ ـ

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

لاڙُون لاڙُون ڪجرا نيڻ،
واڙُون واڙُون اوسيئڙو.

اونداهي ڳڙڪائي وئي،
هٿَ - ترِيءَ تان هر ڏيئڙو.

بند سمُورا درَ گهَرن جا،
ڪوبہ نہ پائي ٿو ليئڙو.

ذهن سمورا ڪنڊر ڪنڊر
ڇارا ڇارا ڪوريئڙو.

سازن ڪان آوازَ رُسي ويا،
هر ڇَپَ تي آ منڊيئڙو.

گونگا گيت گهٽين ۾ ڀٽڪن،
ٻوڙو ٻوڙو هر جيئڙو.

پاڻ وڄايو پنهنجي مُرلي،
ڪوبہ نہ ايندو جوڳيئڙو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هينئڙي هُر ڪُر آهي لڳل،
پرين رُتا جي پرچن شَل!

سانول سان گڏ گهاريل سارا،
پوپٽ جهڙا پيارا پل.

سوچ نگر ۾ موتي ايندا،
رِمجهم رُتَ جا گيتَ رُتل.

خوابَ سمايل تنهنجا نيڻَ،
جوڙيا جڻُ تنوير غزل.

ڦُلواڙيءَ ۾ ڦَگڻُ وريو،
اڄا بہ آهي ڊيل ڊنلَ.

دل وارن جا وستين ۾،
هُجن سدائين ميڙ متلَ.

نيٺ تہ ڇهرا ڀهڪي پوندا،
ڪيسين رهندا نيڻ ڀنلَ!

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# تيز هوا ۾ آکيرو

ڪيڏو مون سمجهايو توکي،
منهنجا مُنجهيل موڳا مَنَ!
”تيز هَوا ۾ طوفانن سان،
ڪکن پنن جي آکيري جي،
آخر ڪهڙي حُجت هلندي!“
شِشي - گهر جي دروازي تي،
تنهنجو آڌر ڀاءُ نہ ٿيو،
تنهن پل تن جي سامهون توکي،
پيارا ڪو پڇتاءُ نہ ٿيو -
هاڻي ويٺو مينهن وسائين،
ور ور مونکي پيو ٻڌائين:
”وشال گهر ۾ رهندڙ ماڻهو
دل جا ڪيڏا سوڙها آهن“
۽ مان تنهنجا لُڙڪ ڏسي
اُپ ڏي ڪَٽي نهاريان ٿو.
رات جا سارا تارا زخمي،
چندُ اُداس ۽ اڻپورو،
چڻُ تنهنجو چهرو -
ڪيڏو مون سمجهايو توکي،
مُنهنجا مُنجهيل موڳا مَنَ!
جي تون منهنجي ڳالهہ مڃين ها،
بادل ٻڌجي ڪين وسين ها!

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تنهنجي دَرَ تي ديرا آهن
پوءِ به غمن جا گهيرا آهن.

توکان ڏور وڃڻ تو چاهيان،
واٽُن منجهه انڌيرا آهن.

چهرن جي چاندوڪين پويان،
اوندهه جا آکيرا آهن.

ڪهڙيون مياروں توتي مٽڙا!
وقت وقت جا ڦيرا آهن.

هاريءَ جهڙو پيار آ منهنجو
تنهنجا ناز وڏيرا آهن.

گُلُ ڪُوماڻو تڏهن به اُن تي،
پوري پؤنر جا پيرا آهن.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جندڙيءَ وِلِ نہ آ وِڻي
اوري آ ۽ منَ پانوڻي!
ڇاجو آهي ڇانگرو -

اکين مٿان پنيا پرون
سنڌوءَ جي چڻُ سانوڻي!
ڇا جو آهي ڇانگرو،
اوري آ ۽ منَ پانوڻي!

ڪاڪُل ڪارا ڪنڌيءَ تي،
جن ۾ سُونهين ڏاوِڻي!
ڇا جو آهي ڇانگرو،
اوري آ ۽ منَ پانوڻي!

مُشڪ ڪَٿوري واسيل وستي،
سُونهنَ وارن جي ڇاوڻي!
ڇا جو آهي ڇانگرو،
اوري آ ۽ منَ پانوڻي!
جندڙي وِلِ نہ آوڻي -

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جيون توڙي دردَ هزارَ،
پوءِ بہ نہ مڃبي منٿڙا هارَ!

مُرڪ مهانگي ملندي جي،
تہ بہ، نہ ٽيندي لُڙڪن لارَ!

واندو ويهي واٽ نہ ڏِسُ،
ڪوبہ نہ لهندءِ سگهٽي سارَ!

ڪَرڻو پوندو پنهنجي ٻَلَ تي،
مڙئي گُذارو منهنجا يارَ!

ساهُ ڪَٽِي ڪيڏو ٻي سوگهو،
دل ڪان ڏرتي ناهي ڏار.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سوچ - پَکيءَ کي گهاءَ لڳل
پيڙائن جا ميڙ متل.

دل - دنبورو ماٺ ۾ سائين!
تَنَ جي هر ڪا تندُ ٽُٽل.

ڏکها پاچا بندرا ماڻهو،
اوجهڙ رستا مُنهن ڏنل.

گهمندڙ ڦرندڙ جيئرا لاشا،
جسم جسم کان رُوحَ رُٺل.

ڪنهن جي دل تي ڪارنهن ٽڪو
ڪنهن جي اک ۾ آهي ڪجل.

ڪاريون راتيون سُندر سپنا
ڦاٽل رلهي ڪٽَ چيڳل.

اُڀَ ۾ تارا مُرڪن مُرڪن
اکِ جا تارا روز پنل.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سُڏڪا سُر سنگيت سپيئي
راڳي روئي ساز سُتل.

سادا سُودا گيت غزل
لکندو رهندو روز ادل.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# خوشبوءِ جا پوپٽ

عڪس ظاهر سُونهن جا ڪيڏا رنگين،
جن کي پَسندي ٿو لڳي علم حسين.
جن جي ٿهڪن مان ٿين پيدا،
خوشبوءِ جا پوپٽَ ـ
جن جي ڳلڙن کي ڏسي،
ٿئي گُلڙن جو گُمان ـ
جن جي چپڙن مان سدائين،
پيار جون پوليون پُرن.
جن جي نيڻن ۾ نهاري
روح ۾ پيدا ٿئي ٿي تازگي ـ
هاءِ پوءِ بہ منَ تِن جا،
چڙُ تہ ڪا اوندهہ جي ڪاڻِ!
ڪين پسجي جن ۾ ٿو،
پيار جو ڪو ترورو ــ
ساڙ ۽ نفرت جي چمڙن
جا آهن چڙُ آستان ـــ!

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪجين ۾ ويا هِن رَسي يار ڏوڪا
وري پُور جاڳي پيا هِن پروڪا.

رُسامي جون راتيون ۽ سانوڻ جا جهوٽا
ايامن جا ميلا لڳن ٿا ڪلهوڪا.

آ۽ هر وڻ جي پَن تي پرين تنهنجو نالو
هوائون بہ تنهنجا ڏين روز هوڪا.

ڪڪرن جي رَٿَ تي هلي آءُ پيارا!
اها ڳالهہ هڪڙي اسانجي ميو ڪا.

ڪوئي ڪين آيو مُسافر اويرو
سڄي رات گهَرَ جا کُليل ها جهَروڪا.

لهرن ۾ لوڙهي ڪري ويا ڪنارا،
آهن ساٿَ سارا اُڏارا اچوڪا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڏيئا پائن ليئا،
اڪِ اوندهه ۾ اٽڪائي،
لاٽ نہ وِسٽي آهي!

وات پَٽي، طوفان ويا،
ڪکَ پنَ ڪي ڳڙڪائي
لاٽ نہ وِسٽي آهي!

ڪاري رات جي ڪامٽي،
چيرين ڪي چمڪائي
لاٽ نہ وِسٽي آهي!

مايوسِين جي ويرانين ۾
روح نہ ڪو پتڪائي
لاٽ نہ وِسٽي آهي!

ڏيئا پائن ليئا،
اڪِ اوندهه ۾ اٽڪائي!

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ناتا ڪچا ڏاڍا

اڄڪلهه جا ڪي ناتا آهن،
ناتا ناهن پاڇا آهن!

جيڏي مايا تيڏي ڇايا،
سڪڻي پالهي پريت جا ناتا،
جنهن سان جيڏا ويجها ٿيندا،
تنهن سان تيڏا ويڇا ٿيندا.

مونکي ڪهڙي سُڌَ تہ سائين!
پريت جا پاڇا ڇرڪي پوندا،
تنهنجا خيال ڪٽوريءَ جهڙا
مايا ـ مَڙهہ تان ترڪي پوندا.

ڪندن کي پوکڻ کان اڳ ۾،
جيڪر تون ڪُجهہ سوچين،
لوپ ـ لهر ۾ لُڙهڻ کان اڳ ۾
ذهن ضمير کي نوچين ها!

اڄڪلهه جا ڪي ناتا آهن،
چڻ ڪي ڪچا ڏاڍا آهن.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوءَ جا جرڪي وِچُ،
ڪُنبي ويئيون ڪڪريون!

مايوسيءَ جي مينهن ۾،
ڀائُو، ائين نہ، ڀِڄُ!
ڪُنبي ويئيون ڪڪريون!
هُوءَ جا جرڪي وِچُ.

جي تون اوندهہ جهوپڙي،
ٻارج تنهن ۾ سِجُ.
ڪُنبي ويئيون ڪڪريون!
هُوءَ جا جرڪي وِچُ.

سچائيءَ جي ساٿَ کان،
ڇرڪي مُور نہ ڇِڄُ!
ڪُنبي ويئيون ڪڪريون!
هُوءَ جا جرڪي وِچُ.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪاڳر تي تقديرون آهن،
طاقت تي تدبيرُون آهن.

هرڪو گيت بغاوت آ چئُ،
سوچن تي شمشيرُون آهن.

پيار سچي جي پيڙهه مٿاران،
نفرت جُون تعميرون آهن.

گوليءَ جي ٻوليءَ ۾ لکيل،
خوابن جون تعبيرُون آهن.

منهنجا نظم، غزل ۽ وايون،
چاهت جون تصويرون آهن.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# طبقاتي پيار جي پڄاڻِي

ڪنهن پل يلجي او سانئڻ!
جي مان توکي ياد پوان،
منهنجا ويڻ وساري ڇڏجان!

هي ڪا ڳالهه پُراڻي ناهي،
ڪوڙي ڪا آکاڻي ناهي،
ڪنهن جي لئہ سمجهاڻي ناهي؛
وڏ - گهَراڻن راڄَن ۾،
جذبن جي اهميت ئي ڇاهي...!
آءٌ مجان تو او سانئڻ!
سڀُ شڪستون منهنجون آهن،
سوڀ اوهان جي دَر جي ٻانهي
منهنجي هر هڪ فوٽوءَ کي تُون،
تيلي ڏيئي ساڙي ڇڏجان!
منهنجا سڪڻا خط سپيئي،
چيهون چيهون ڦاڙي ڇڏجان -
منهنجا ويڻ وساري ڇڏجان،
جي مان توکي ياد پوان،
ڪنهن پل يُلجي او سانئڻ!

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪنول قطارون، من ۾ ڪينجهرَ،
نيڻَ نهارون، چر ئي چر.

بڙا تہ ايڏا ڪين هئاسين،
بند سين جا چو ٿيا دَرَ؟

مايا ۾ لهر ۾ لُڙهي ويا،
قرب ڪنڌيءَ جا ڪانا سَرَ.

ڪي تہ گُلن سان گهارين گهَڙيون،
ڪِن جو جيون سُڃا بَرَ.

هر ڪنهن آڏو مُرڪان آءٌ،
منهنجي اکين ۾ روڪيل جَرَ.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پوندي نيٺ ٺُٺي
ڏوري ڏاج پهاج جي -

تنهنجي ڳل تي ماڪَ ڦُڙا
چڻُ ڪا باڪ ڦُٽي.
ڏوري ڏاج پهاج جي -
پوندي نيٺ ٺُٺي -

سَرتين سَوَ سينگار ڪيا
تنهنجي سِيندَ ٻُٽي.
ڏوري ڏاج پهاج جي -
پوندي نيٺ ٺُٺي -

ڪَڻُ تون اڳرا پيرڙا
ويندو پنڌُ ڪُٽي.
ڏوري ڏاج پهاج جي -
پوندي نيٺ ٺُٺي -

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هر ڪنهن کي هِت آهن دوستَ
ڪي تا ڪنهن کي چاهن دوست

ماڻهو پهرين گڏجاڻِيءَ ۾
نوان نوان تا ٺاهن دوست

جو مون جوڙيو پيار جو جهُوپو
تنهن کي ويٺا ڍاهن دوست

ڪيڏا دردَ ڏين تا دل کي
ڪوتہ ٻُڏائي چاهن دوست؟

هي جي مُون سان ٺَهڪَ ڏين تا
اُهي سَمورا ناهن دوست

ڪي ڪي ناوَ پُراڻيءَ تي پڻُ
ڦُرب ڪنديءَ ڏي ڪاهِن دوست

پريت جي ريت نيائڻ وارا
اُپ تان تارا لاهن دوست.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بُڪايل ڪي بُوءِ
روٽيءَ سندي روح ۾!

سو ڇا ماڻهو، جو رَهي،
پنهنجيءَ روءِ سوُءِ،
روٽيءَ سَندي رُوحَ ۾!
بُڪايلَ ڪي بُوءِ..

ويئي بگهڙن بَڪُ ٿي
ريڊارن جي جُوءِ
روٽيءَ سَندي رُوحَ ۾!
بُڪايلَ ڪي بُوءِ..

ڪرا وسندا خوش ٿي،
ڪوٽا ٿيندا ڪُوءِ.
روٽيءَ سَندي رُوحَ ۾!
بُڪايلَ ڪي بُوءِ..

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ويهين صديءَ جي دانشور جو ڪمرو

ايش ٽري جي وات ۾
سگريٽن جا مُئل اڏڙ.
ڪاغذن جي بستري تي
پين گهري ننڊ ۾ سُتل
سوچَ ڪوريئڙي جي ڄارَ ۾
ڪمزور مکِ جيان ڦاٿل.
ذاتِ، ڀڳل ڪرسيءَ تي،
ڏئي پئي ڪونگهرا.
اُڏوهيءَ ورتل الماريءَ ۾،
ڪتابن جو ڪُنجهَڻُ
ڌَرَ لڳل ميري پُراڻي بلب،
هيڊي روشنيءَ جون،
پئي ڪيون ڪمري ۾ اُلٽيون.
مايوسين جي ڏائڻين،
ڏني پئي در تي صدا.....

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سپُنا وسري ويندا آهن
وسري ياد نہ ايندا آهن

مُورک ماڻهو مستانن کي،
نينهن جي نجهري نيندا آهن

دردَن وارا سُکَ سدائين
وندي ورهائي ڏيندا آهن

سرسُ جنين سان سِڪَ هوندا آ
تن سان ويچا ٿيندا آهن

چيلاٽن جيان سهُڻا ماڻهو
ڏئي پيار ڏنگيندا آهن

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هُبڪارن جو هنڌُ
پيار جتي ٿو پوکجي.

ٻيرڻ جنهن جي ٻانهن ۾،
ساهن منجهه سُڳنڌُ
پيار جتي ٿو پوکجي.

پير گُلابي پنکڙيون،
پهڻن مٿان پنڌُ
پيار جتي ٿو پوکجي.

آڌو سچيءَ سُونهن جي
سڀُ نوايون ڪنڌُ
پيارُ جتي ٿو پوکجي،
هُبڪارن جو هنڌُ.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

زندگي ڏاڍي ڪَڙي
زهر جڻُ هر ڪا گهَڙِي

وِلهه ۾ پئجي رهيا،
ٻارڙا سارا رڙي

نينگري دَرَ تان ٻُکي،
تو تَونگر چو تِڙي؟

مُفلسيءَ جي موت تي
ڪين آيو ڪو لَڙي

ٻُک جو دوزخ تَتو
سرڳُ ويو سارو سَڙي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڪارن ڪڪرن جي ڏوليءَ ۾

آد جُڳاد کان،
تنهنجو رُوحُ،
منهنجو رُوحُ،
ٻيئي پيار جي پنڇي ها ـــ
ڪارن ڪڪرن جي ڏوليءَ ۾،
ٻيئي اڇا اُجرا،
پيار پکيئڙا،
چُهنب سان چُهنب ملائي،
ڳائيندا ها،
پيار جو گيتُ،
عبادت جو گيتُ.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اُوندھ انڌوڪار!
ڪيڏو ڪرڀل ڪُڙم ۾!

ڪَرھا ڪُل ئي ڪاٽَ ۾،
اڏيءَ تي اوتارَ.
ڪيڏو ڪرڀل ڪُڙم ۾!

اولھ اُمَن ڪينڪي
آڳَ سچو اوپارُ.
ڪيڏو ڪرڀل ڪُڙم ۾!

ڀجري منجھ ڀَڪيئڙي
اُڏامڻُ اوتارُ.
ڪيڏو ڪرڀل ڪُڙم ۾!
اُندھ انڌوڪار!

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هڪڙي پلَ جو ميلو آهي
هرڪو هتِ اڪيلو آهي

چولين جي چڙواڳيءَ سامهون
مُنهنجو جهُورُ ٻتيلو آهي

پيار ڪان وڌ ڪا پُوڄا ناهين،
هر پل پيار جو ويلو آهي

مُرڪ جا موتي ويٺو وندي،
ماڻهو ڪو اربيلو آهي

سيڪنهن کي ٿو پنهنجو سمجهي
يارو! ادلُ ڳهيلو آهي

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اڄُ روئڻَ تي دل ٿي چاهي،
ڪو تہ روئڻ جي رمز ٻڌائي.

لُڙڪ سُڪي ويا آهن شايد،
ڪڪريون موٽيون مينهن وسائي.

پيارُ بہ ٿيندو آ طبقاتي،
ڪير تہ ساٿين کي سمجهائي.

غربتَ جهڙو گهاءُ نہ ڪوئي،
پيٽ ٿو پيري ۾ ڦاسائي.

تُنهنجي اکين مان ڪرندڙ موتي،
منهنجي جوت ويا جرڪائي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وريو وچوڙي واءُ،
جهوني ٻَڙَ جي لامَ ڪري پئي

ڪارو ويس آڪاس ڪيو،
سج گهٽايو تاءُ
جهوني ٻَڙَ جي لامَ ڪري پئي

پکڙا ۽ پنهوار* رُنا،
گيت گيت ۾ گهاءُ.
جهوني ٻَڙَ جي لامَ ڪري پئي

لهري ڪري وئي ڪَپر تي
موتين جو ڦهلاءُ
جهوني ٻَڙَ جي لامَ ڪري پئي
وريو وچوڙي واءُ...

**برک عوامي شاعر عبدالڪريم گدائيءَ جي وفات تي لکيل**

*گدائي صاحب جي مجموعي جو نالو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# تاريخن جي روشن رڳ

مايا چار!

تنهنجا خيال اجايا آهن

تنهنجي مايا انڌي آهي،

اُوندهه جي رهواسي آهي،

سُونهن سُندرتا ڪين پسي ٿي

دنيا جا سڀُ تول تڪاڙا،

محبوبن جا مڪر، ماڙا،

مايا آڇي ماڻ سيوئي،

پيارَ جو اَگهه نہ آهي ڪوئي

دل جا جذبا دل جون ڳالهيون،

آهن هر شيءِ کان نراليون ـ

پيارُ ـ پکيئڙو ڪومل اوجل

مايا ـ مُک آ ڪوڙهه ۾ ورتل

سنڌ ۾ "مارئي"، روم ۾ "نِيرا"،

شرم حيا جو شان رکيو جن،

ناڻي عيوض نينهن نہ وڪيو جِن ـ

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مارئيءَ مارو ڪين وساريا،
هنجون هاري لوھَ پَگھارِيا.

نيرا پاڻ کي گھوگھو ڏيئي*،
پريت جي ريت نڀائي ويئي
مارئي وچڙي ناهين وَڳَ ڪان،
نيرا ڪاٺ مُئي آ جڳ مان،
تاريخن جي روشن رَڳَ مان،
بَڪندو رهندو نانءُ اُنهن جو،
پَرَم تي رهندي ڇانءُ اُنهن جي ......!

*** خوبصورت نيرا، جنهن روم جي شهنشاھ نيرون جي هَوس جو شڪار بڻجڻ بجاءِ، پنهنجن ڏکهن وارن سان پاڻ کي گھوگھو ڏيئي پنهنجو انت آندو.**

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## اُجڙيل بستي ڏُونهن جا ديرا

گولين گُونجون، بَمَ - ڌماڪا،
لوٽيا! تنهنجي لاءِ تماشا.

لاَلَ لهوءَ ۾ لويل ناري،
هاءِ، اُجهاڻي ڪنهن جي آشا!

اُجڙيل بستي ڏُونهن جا ديرا،
چچريل چٿيل، ننگا لاشا.

هر هنڌ نفرت ناچ نچي ٿي،
ڪوبہ نہ ڇاڻي پيارَ جي پاشا!

بيروت ۾ انساني ڪوس جي پسمنظر ۾ لکيل

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آءٌ آهيان چمر
چانوَ توتي ڪندُس.

منهنجي جذبن ۾ آهه
سِڪ تنهنجي سَچُرُ
چانوَ توتي ڪندُس.

تنهنجي پوچا سندمُ
زندگيءَ جو ثمرُ
چانوَ توتي ڪندُس.

مُنهنجي سوچن تي پونءِ!
تنهنجو آهي اثر.
چانوَ توتي ڪندُس.

آهي شاعر جي دلہ
محبتن جو شهر.
چانوَ توتي ڪندُس.

جوبہ ڏرتيءَ سان ٿيوہ
عشق آهي امر.
چانوَ توتي ڪندُس.
آءٌ آهيان چَمَرُ.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اجان اهو انڌيرو آهي،
اُتُ اُتُ! وقت اويرو آهي.

حويليءَ جي شاهي دَرَ وَٽِ،
ڪُتو چورَ جو پيرو آهي.

مُرڪ - مشعلَ سان ٻَهڪيو اڄُ،
دردمندن جو ديرو آهي.

ٽانڊن جهڙا لفظ ڪڍي ٿي،
چپَ به چڻُ ڪا، ڇيرو آهي.

سُونهن جي خاطر توکي مون کي،
سوريءَ پرڻو پيرو آهي.

راتِ راڻيءَ جي ڪاريءَ ڪُڪِ مان،
ڦُٽڻو نيٺ سويرو آهي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڪاغذي ڦُربُ

ڪيڏو دوکو آهن دوست!
ڪاغذ تي هي ڦُرب جون لکيل
ڪوڙيون سچيون سڪٽيون سِٽون،
جڏهن جڏهن بہ،
توسان منهنجو ميل ٿئي ٿو،
ائين لڳي ٿو:
منهنجي مَنَ جي برپٽ تي،
ڪوئي ڪوسو واءُ لڳي ٿو ـ
پاڻ پنهي مان هڪڙو آخر،
اڄ ﭘ مرندو.
جيڪو اسان مان جيئرو رهندو،
سو، هي ڪوڙيون سچيون سِٽون
ڏيهہ سڄي کي ڏيکاري،
پنهنجيءَ سڪٽيءَ سنگت جون،
قربت جون ۽ چاهت جون،
ماڻهن وچ ﭘ هامون هڻندو،
مضمونن ﭘ لفظ هي لکندو:
”مرڻ واري جي مونسان ڏاڍي سِڪَ هُئي
جسم اسانجا ڌار هئا پر
دل اسان جي هِڪَ هُئي“.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آيا آهن اوڏَ۾
ڪُٿل ڪٽي ڪٿڙا.

وارن وڏا واٿهڙو۾
ڪنڌن ڪارا ڪوڏَ۾
ڪُٿل ڪٽي ڪٿڙا
آيا آهن اوڏَ.

پنيرڪي جونِ پٿن تانِ۾
لهندڙ لاڏَن لوڏَ
ڪُٿل ڪٽي ڪٿڙا
آيا آهن اوڏَ.

ماڪيءَ ميٿِ منجهَن آ۾
هَٿيءَ نہ اٿن هوڏَ
ڪُٿل ڪٽي ڪٿڙا
آيا آهن اوڏَ.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# سڌُ آهي اجان

چڏ تہ مونکي وڃان
سَڌُ آهي اجان

رُڃ توڙي هُجي
اڃَ توڙي هُجي
آءٌ ويندُس اُتي
سُونهن آهي جِتي

سُونهن وسڪار آ
سُونهن هُبڪار آ
ڏينهن پَل پيو تپي
سُونهن وٺڪار آ.
سونهن سانوڻ مثل
ڪين پرجي ٿي دل.
سُونهن سڌڙا ڪري
پوءِ بہ ڪنهن جي سَري!
ڪو، نہ آهي اُتي
ڪيئن آخر مڃان.
سَڌُ آهي اجان
سَڌُ آهي اجان.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سيئي ڪُوهہَ ڪارا اکين جا سُڪايل
اسين سانگ آهيون اُجايل اُجايل.

زبانن مان الفاظ هيڪي ٿا نڪرن
اجان رنگَ چهرن جا آهن اُڏاميل.

اسانکي زماني جي پرواهہَ ناهي
چاهي جي الزامر آهن لڳايل.

وڏي آءُ ساٿي هي واٽون مَٿي تون
يلي نانگ ڪارا جي آهن وڇايل.

ادل آءُ تہ ٻاريون نئين سِر هلي
جيڪي ديپ آهن صدين کان اُجهاميل.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# پَلُ ـــ امَرت ڏارا

مِل پلي تون هڪڙو پَلُ
جيون سارو آهي ڪَسارو
جنهن پل توسان ميل ٿيو
سو پَلُ پيارا امرت ـ ڏارا
جيڪي تنهنجي گَسَ ۾ آهي
سو آ منهنجو اوسيئڙو.
جيڪو تنهنجي وَسَ ۾ ناهي
سو آ تنهنجو روز ملڻُ.
جنهن پَل توسان نيڻَ ملن ٿا
سو پَلُ سالن جيڏو سپُنو
جنهن پَل وچڙڻ جڻُ لڳي ٿو،
وري نہ ملبو صديُن تائين.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گهرَ گهرَ آهي گهُٽَ
ونگَ پيا چڻُ واءُ تي.

اَسروند اکڙين ۾ آهن
آشـــــائـــون اٽـــڪُـــٽَ
ونگَ پيا چڻُ واءُ تي.

ڪـئـي خِزان جي ڦُورن آهي
ڦُلواڙيءَ ۾ لُٽَ.
ونگَ پيا چڻُ واءُ تي.

تنهنجا وو ويچارا پرين!
مون لئہ مُنجهيل سُٽَ.
ونگَ پيا چڻُ واءُ تي.
گهر گهر آهي گهُٽَ.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جويَن سَدا جهُرڻالو رهندو
پنهنجو نينهن نرالو رهندو.

پَلي پکيڙي مايا اُوندهہ
اُلفت جو تہ اُجالو رهندو.

نفرت جي جلاد جو ڪيسين
قُربَ جي ڪُڪِ ۾ پالو رهندو.

جذبن جو اظهار بہ ٿيندو
ڪيسين چپن تي تالو رهندو.

نيهن - نگر جي ديوارن تي
پيار وارن جو نالو رهندو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جيون جهُوني جاءِ
جنهن ۾ ڏُکَ جا ڏار سوين.

سُکَ جا سُرندا هت پُرندا
ڳَٽتين کي مَ ڳاءِ
جنهن ۾ ڏُکَ جا ڏار سوين
جيون جهُوني جاءِ.

ڪڪريون راتِ وسائي ويئيون
لُڙڪ اَياڻِن لاءِ
جنهن ۾ ڏُکَ جا ڏار سوين
جيون جهُوني جاءِ.

ڪرهَ ڪرين جي ٻُڪَ سان
پيٽ تي پاڪرَ پاءِ
جنهن ۾ ڏُکَ جا ڏار سوين
جيون جهُوني جاءِ.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جوتِ ڪَلا جرڪائڻُ گهُرجي
خوشبوءِ کي ڦهلائڻُ گهُرجي.

رنجَ رُساما ٿيندا رهندا
پنهنجن کي پرچائڻُ گهرجي.

دل وارن جي دَرَ ڏينهن ويندي
ڪين ڪڏهن گهٻرائڻ گهُرجي.

ڪيسين ماٺِ جو رهندو منڍُ؟!
جذبن کي جاڳائڻ گهرجي.

جَڳَ جاڳائڻ واري وائي
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳائڻُ گهرجي.

روز اچيو مهمان ٿين
سُورن کي سمجهائڻُ گهرجي.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تقدير جو ليکو ڪارو
تدبيرُن جو روشن چارو.

بند ڪَيَئي چو اکڙيون پيارا!
اڃان تہ آهيان آءٌ اُجارو.

ٻُڏندڙ سِجَ جو منظر آهي
آءٌ اڪيلو سَمُندَ ڪنارو.

جاڙَ جياپي کان آ بهتر
مُرڪي مُرڪي موتُ او يارو!

مُونجهارن جي مارڳ منجهہ
مليو اسان کي سُونهن سَهارو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## پچتاءُ

ڳوٺن جي وڏاهم چڙي
تيز وهندڙ واهم چڙي
چوڙيلين جا چاهمَ چڙي
گهيڙ گسن جا گاهمَ چڙي
سچا سَڀُ ويساهمَ چڙي
دونهنَ ۔ نگر ۾ آياسي
سچا رُوپ وڃايا سي
ڪُوڙا رُوپ سجايا سي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اُپ نگر ۾ باز جو پڙڪو
پاريهر جو پويون ڦڙڪو.

چندَ هٿن ۾ پَٽَ جا ڏورا
هير ـ هندورو بادل هلڪو.

مندرَ منجهه اڪيلي مُورتَ
پالها ڏيئا سانت جو سُڏڪو.

منهنجو پاڇو موٽيو هوندو
دروازي تي آهي ڪڙڪو.

اوسيئَڙو ويو راههَ ۾ رُلجي
اکڙيون ٻڄي ويئيون اُلڪو.

ڪيڏو آ۾ ايمان اسان سان
پنهنجي ڌرتيءَ ڌاريو ڌڙڪو.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# پٽرجهڙا پَلَ

ويڄَن سان ويچار انوکا، اوکو آ درمانُ
جيونَ جي هر بابَ ۾ آهي، اُلڪن ۾ انسانُ.

آپريشن ٿيٽر ۾ گُذريا، پٽر جهڙا پَلَ
درد مندن جي دل جي دلبر، ڪنهنکي ڪهڙي ڪَلَ.

بيمارين جا مُنهن بَرن ڏي، هُجن سَدائين شالَ
ڪيئن گهاريندي جَڳَ ۾، جن جا هيٺا آهن حالَ.

مُکَ تي دُکَ جون ريکائون ۽ نيڻن ۾ هي لُڙڪ
سَدا نہ رهندا سُڏڪا سائين! موٽي ايندي مُرڪ.

مايوسيءَ جي مُند جا آهن، باقي ڏينهن ٻہ ٽي
مُونجها ماڻهو ڏينهن ڏُکن جا، ويندا يارَ ڪَٽي.

نيٺ تہ سائين! ڪُٽٽي آهي، روڳن واري رات
سُک جو سُورج اُڀري ايندو، چاڻُ ڦٽي پرڀاتِ.

اسپتال ۾ داخل پنهنجي هڪ اُستاد جي نالي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دُنيا هڪڙو گولو آهي
لولَي ڪارڻ رولو آهي.

سچ تہ آ سِرَ تي سنگين
ڪُوڙ ڪمائڻ سولو آهي.

اونداهيءَ جي آکيري ۾
ٽانـــداڻـــن جو ٽولوآهي.

سُورج جهڙي سُپرينءَ پاتو
چانڊوڪيءَ ۾ چولو آهي.

پيارُ پرينءَ جو ٻَڙَ جي ڇانوَ
جيونُ اُسَ ۾ جهولو آهي.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

واچوڙن جا ويرَ
ڪين ڏٺا هِن تو اجان.

لهر لهر ۾ ليڪون لال،
سڀُ گُلابي گهيرَ.
ڪين ڏٺا هِن تو اجان.

ڌرتيءَ خاطر وڙهندڙ هَٿَ،
هٿڪڙين جا هيرَ.
ڪين ڏٺا هِن تو اجان.

ڦولن جهڙا جَذبا جن جا،
پهڻن جهڙا پير.
ڪين ڏٺا هِن تو اجان،
واچوڙن جا ويرَ

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ماڻهو سُتل جاڳيل ياڳَ،
باک نہ باتيون، راتيون راڳَ.

مندَل سارا مٿجي ويا پر،
اجان چرين جا ساڳيا چاڳَ.

جبل جهڙا جذبا گهُرجن،
پرين پسڻَ جا پنڌَ اُجهاڳَ.

نيت تہ جاڳڻَ جاڳي پوندا،
وقت جي واري ايندا واڳَ.

سُک جا سُرندا ٻيهرَ ٻُرندا،
مُرڪي پوندا مارُن ماڳَ.

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڌرتي تولئہ سڀُ وفائون
تنهنجا گيت لکان تو آئون.

پيارَ ۔ پَناهہ جڏهن مون چاهي
تنهنجو مونکي ڏَسُ ڏنائون.

ساڌ ۔ ٻيلي وٽ سنڌوءَ جون
مونکي موهي ويون ادائون.

لوهي سيخُن پويان ٻُڌجن
ساجن! تنهنجون روز صَدائون.

ويهين صَديءَ جي ڇهري تي
بارود جون آهن ر يڪائون.

بَن بَن پٽڪيون مون سان گڏُ
جوڳِڻ جون رولاڪ هوائون.

تنهنجي مُحبت چانوَ ۾ مونکان
وسري ويئيون جَڳَ جفائون.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تُنهنجا ڪِرڙ ڪانديرا ڪَيڙ
منهنجي دردن لاءِ دَوائون.

ديس مِٽي جون ڍنڍيون نديون
منهنجون آهن محبوبائون.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# احساس جي صليب تي ٽنگيل سوچون

چا ڪجي يَرَ چا ڪجي
ڳالھ ڪي ڳورو ڪجي
يا ٺارجي وسارجي
چا ڪجي پر چا ڪجي!
ڏات جا ڏينيو ڏنگي ويا ڏيل کي،
پوءِ بہ ڏاڍا سوچَ جا آهن مُنجهيل.
لفظ ويا لهرن ۾ جڻُ آهن لُڙهي
ڪين تي ڪائي لکڻ لئہ سِٽَ سُجهي
ذهن ۾ ويٺل آهي ڪوريئڙو،
جڻُ منهنجي چاڻَ کي چارو لڳو آ۔

پر پيڙا ۾ پيڙجي
تڙپجي ۽ ڦتڪجي،
سچَ جا سارا سمائي سُرَ سِٽن ۾،
جي ڪيون تا ڳالھ ڪا ڪنهن سان کَري
نفرتن جا ديپ هر ڪنهن دل اندر،

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٽا پون پڙڪو ڪري ڪن ۾ ٻري.
ٻول ڪي منهنجا ٻُڌڻَ ڪان ئي اڳي
لوڪُ سارو ڏُور ٿو مونکان ڀڄي.
منهنجي سوچيل سادڙي هَر سِٽ جو،
هر اکر هر ڪنهن کي چڻُ ڪارو لڳو آ.

دل تي چئي:
ٻوهہَ تي ڏاڍو ڪجي
سچَ کي ڏاڍو ڏجي.
پر محبت مَن جي،
ڏيل تي ٻوهان ٻڄي.
ڇا ڪجي يَرَ ڇا ڪجي!

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هر ڪو هانءُ هَمالي جيڏو
پوءِ بہ آهي اُلڪو تيڏو.

هڪ پل ڪڏهن نہ ڏار ڏيا جيءِ
ڏُور هليا ويا آهن ڪيڏو.

پڪي امن جو اسان ئي پاليو
پوءِ بہ اسان سان هاجو هيڏو!

پيار ڪرڻ جي ڪين ڏا چاڙهو
ڪنهن جي دل سان چو ڏا ڪيڏو.

هونئَن گهَٽن ڪي گهاوَ ڏنا تو
ادل تہ ناهي اياڻو ايڏو.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

طوفانن جي گهيرن مان
ايندا ايندا ڏيئا ٻاريون.

سپُنن جا سَڀُ پکي اُڏاڻا
اکڙين جي آکيرن مان.
ايندا ايندا ڏيئا ٻاريون.

ڪيسين راتِ جا راتاها
ڦُتندِي سُونهن سَويرن مان.
ايندا ايندا ڏيئا ٻاريون.

هاڻِ نہ پاپيءَ پاڇا رهندا
دُور ٿيندا دُکَ ديرن مان.
ايندا ايندا ڏيئا ٻاريون.
طُوفانن جي گهيرن مان.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دردَ اسان ڏي موٽي آءُ
سُک ۾ ناهي ڪوئي ساءُ.

اک جي عادت بدلي ڇڏ
نينهن نسورو آ پڇتاءُ.

ڪالهہ ڪُنس تي جن جا لاءِ
اڄُ انهن سان ٿيو اٽڪاءُ.

تنهنجي دَرَ تي آسي آهن
پرين! انهن تي ترس تہ ڪاءُ.

مانُ ماڻيندي سُونهن - سَچائي
ورڻو آهي اهڙو واءُ.

مُشڪ ڪَٿوريءَ ڪان بہ مَٿي
ڏرتي! تُنهنجو هيرَ هُڳاءُ.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جذبن کي آ جَسُ
جن آ جوت جلائي.

پيار ۾ ڪھڙو پاڻَ کي
ڏاهپ ڏيندي ڏَسُ.
جن آ جوت جلائي.

ماڳُ تہ هڪڙو مڙني جو
پنهنجو پنهنجو ڳُسُ.
جن آ جوت جلائي.

سُرن جا سينگار سوين
وينگس ڪھڙو وَسُ.
جن آ جوت جلائي
جذبن کي آ جَسُ.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڏُبِڻ ۾ ڦاٿل زندگيءَ جي صَدا

منهنجو نانءُ ٽُبو آ، سائين!
منهنجي پيءُ جو نانءُ نہ ڪوئي.
پر هُئي منهنجي جيجل منڙي
هن شهر جي پينَڻ هڪڙي.
هڪ ڏينهن ماءُ مٺيءَ کان مون،
پنهنجي پيءُ جو نانءُ پڇيو هو
جيجل اکيون آليون ڪندي
منهنجي ڳَل کي چُميندي چيو هو:
”تنهنجي سُجاڳ مونسان پُٽڙا!
تنهنجي پيءُ جو نانءُ نہ ڪوئيـ“
تنهن پَل هوس آءٌ تہ ابهم
ماءُ مٺيءَ جي ڳالهہ نہ سمجهيم.
هاڻِ جڏهن آ ساڃهہ آئي،
ڳالهہ اچي وئي سمجهہ ۾ سا ئي ـ
هن ئي ساڳي روشن شهر ۾

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جيجل ڦوهہَ جوانيءَ ۾

پنهنجو ميرو جوڀن سارو

لوڪان جڏهن لُٽايو هو

مونکي تڏهن نپايو هو۔

ياد اچي ٿو،

هڪ ڏينهن ڏاڍو سيءُ لٿو هو

تيز اُتر جو واءُ لڳو هو

جيجل پنهنجي ڪپڙن سان پيي

منهنجو انگ ڍڪيو هو.

ڏاڍي سيءَ لڳڻ سان منهنجي

انگ اُگهاڙي ماءُ مُئي هُئي ۔

روڊَ ۔ ڪناري تي ڏينهن تَنهن جو

لاش پيو هو ۔

لاش جڏهن هُئي ڏَپ ڪئي

شهر واسين جي گوڙ ڪرڻ تي

هڪڙي لاري لاشُ کَٽي وئي ۔

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هيڏي ساري شهر ۾ پوءِ
آءٌ اڪيلو رهجي ويس.
روڊ ـ ڪِناري پنندي پنندي
اڄُ ڏينهن ٿائين
آءٌ اڪيلو آهيان ـ
ناهي مُنهنجو ڪوبہ سَهارو
منهنجو پيءُ زمانو سارو
مُنهنجو نالو ٿيو آ سائين!

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# نفرتون نپائڻ جو هاڃو

ٻن ٽولن جو جهيڙو ٿيو
ريٽو ريٽو رتُ وهيو
ڪنڌڙو ڪنڌڙو ٻَٽِ پيو
ڪيئي گهرَ ويران ٿيا.
ٻنهي ٽولن جي ٻولي ساڳي
منَ مندر جو سڳيو راڳي.
پوٽا ساڳيا ٻَٽَ به ساڳيا
گهيڙَ به ساڳيا گهَٽَ به ساڳيا
هوڏِ به ساڳي لوڏِ به ساڳي.
گوليون پنهنجون، سينا پنهنجا
ڪات به پنهنجا ڪنڌَ به پنهنجا
لَڄَ به پنهنجي هَٿَ به پنهنجا.
ڏيهه ڏٺو،

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ياءُ ڪي پنهنجي ياءُ ڪُتو

پنهنجن ڪي افسوس ٿيو

ڏارين ڏاڍا ٿهڪ ڏنا.

**بن سنڌي قبيلن جي جهيڙي کان متاثر ٿي لکيل.**

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

شهر ٻڏجي ويو سڄو آهي پٽر
درد دل جو ڪنهن اڳيان ظاهر نہ ڪر.

تنهنجي نيڻن جي اڇن ڳوڙها تري
ڇڏ لڪائي لُڙڪ سي آهون نہ ڀَر.

ڊپَ جي احساس کي دل مان ڌڪار
پاڻ ئي پاڇي ڪان پنهنجي تون نہ ڏَر.

اڄُ ئي رابيل جا ٻُوٽا تون هڻُ
نيٺ ويندو واسجي سارو پڌَر

ماڳُ منڙا ماڻبو مُرڪن جو نيٺ
ڪين سُڏڪن تي سَدا رهندو گُذر.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پنهنجا سپُنا ڪوٺا ڪيل
پيار پَروڪو ناهي هيلَ.

منهنجي اکين ۾ لُڙڪَ هيا
تنهنجي هَٿن ۾ ها رابيلَ.

اوچ نيچ ۽ ذات پات جا
جَڳَ اسان لئہ جوڙيا جيل.

آءُ تہ جيئري گَڏجي گهاريون
موتَ پُڄاڻان ڪهڙا ميلَ.

منهنجي مُحَبت مورَ مثل آ
ڊوڙي آ تون بڻجي ڊيل.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

واءُ ۾ سپُ گيتَ سي وڪري ويا
جيڪي مون تنهنجي جُدائيءَ ۾ چيا.

تونِ وئين مونکي پڌائڻ ڪان سوا
سڏُ مون تنهنجي پٺيان ڏاڍا ڪيا.

ساپيا - چوڏيلَ جي آواز تي
خواب - گهرَ جا ٻارَ سپُ جاڳي پيا.

جنهن جَلائيا سو ويو ساجهُر اُجهامي
واٽَ تي تنها ڏيئا ٻرندا رهيا.

آسَ ۾ ٽر جون اڪيون ٿوهرَ ٿيون
پُورا بادل سمنڊ تي آهن وسيا.

سنڌُ! تنهنجي سُونهن ڪي ڇاتم جڏهن
سُونهن وارا ٻيا سپئي وسري ويا.

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# اُداس شهر جو آخري منظر

رات جو پويون پهَر،
خوابُ جڻُ سارو شهر،
هر طرف آ ماٺ جو ڦهليل زهر۔
لفظ ڄڻ ڪان رُٺل،
دانهن هر دل ۾ دٻيل،
قربَتُن جا قافلا رڻ ۾ رُليل ۔
شهر جي هر ڪنهن گهٽيءَ جي گهُگهَ ۾،
نفرتُن سان ويڙهه ۾ زخمي ٿيل،
پيار جا پاڇا لڪيل ۔
(ڪير ڪنهن جي درد ۾ موتي وکيري)
پرين جي نيڻن جا سپُ،
لُڙڪ سالن کان سُڪل ۔
زندگيءَ جي لامَ تان،
آسَ جا سارا پکي اُڏري ويل ۔
الوداع جي ماڳ تي،

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪنهن ٻہ سُپرينءَ جو هوا ۾،
هٿُ ڀي ناهي ڪڇيل ـ
سڀُ وفائون واءُ جان وڪري ويل،
محبتن جي لاشَ تي،
ڪريَ جون ڳجهُون مُڙيل!

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## ادل سومرو، هڪ پلو شاعر ۽ پيارو ماڻهو

ادل جي مجموعي جي ڊمي هٿن ۾ جهليو ويٺو سوچيان ته، هن دلبر ماڻهوءَ جو مجموعو همعصرن جي مقابلي ۾ چو دير سان پيو شايع ٿئي. چو؟ ڪهڙي سبب! سببُ ضرور هوندو. چوته نارمل شاعر ڪي شاعريءَ کان سواءِ بہ تہ ڪرڻ لاءِ ڪي ضروري ڪم هوندا آهن. مثال طور نوڪري. ٽيندو هيئن آهي جو هن زماني ۾ شاعريءَ جي مجموعي ڇپجڻ ۽ ڪنواري نينگريءَ جي ڪنوار ٿيڻ ۾ جي دير ٿي وڃي ٿي تہ، گهڻو ڪُجھ زيان ٿي وڃڻَ جو خطرو هوندو آهي. اڃا! ليٽ مجموعي ڇپجڻ ۾ ڪهڙي رُڪاوٽ بڻي! نوڪري.... نہ.... رُڪاوٽ تہ بدليُن پيدا ڪئي، اُنهيءَ دوران ادل ڪڏهن وڄارن وانگر متيارين جي ماڳ تي تہ ڪڏهن منصوره جي گهاٽَ تي تہ، ڪڏهن ڪراچيءَ جي ڪناري، تہ ڪڏهن وري سڪرنڊ جي سيني تي. پر انهيءَ سموري هڻ وٺ ۾، هن لکيو ضرور پئي آهي. ڪڏهن ٻارن لاءِ تہ ڪڏهن وڏن جي لاءِ. هتي نتيجو اهو بہ نڪريو پيو سامهون اچي تہ، جا شيءَ ادل کي شاعريءَ جي لاءِ راس آئي آهي، اهو آهي سفرُ ۽ مجموعي ڇپائڻ لاءِ جنهن شيءِ هن کي روڪيو پئي اها آهي سُستي.

اڃا ادل وائيءَ جو شاعر آهي يا گيت جو، غزل جو يا نظم جو.... هيءَ ظمي ڪولي سڀُ صنفون پڙهندو پيو وڃان ۽ زمانن ۽ زمينن کي ويٺو ذهن ۾ دهرايان تہ ادل کان هيءَ وائي ڪهڙي گهٽيءَ مان گُذرندي ٻڌي اٿم. هي غزل فيڪلٽيءَ جي ڊاڪٽرن تان لهندي ڪهڙي موڊ ۾ ڪنايم، هي نظم ڪهڙي هاسٽل جي ٽيبل تان ڊائري ڪٽي سندس غير موجودگيءَ ۾ پڙهيو هيم. سچي ڳالھ تہ هيءَ بہ آهي تہ، هن پياري شاعر، جا صنف لکي آهي، سا نهايت پُختگيءَ سان، نهايت سچيتا سان. هر صف ۾ هن پنهنجي ذات جي چٽگائي تيلي روشن ڪئي آهي. انڪري مان ادل کي ڪنهن بہ هڪ صنف جو شاعر سمجهڻ بدران مُڪمل شاعر سمجهندو آهيان. ۽

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سچُ ته ادل جي شاعري پڙهي سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ الڳ شاعر جو انيو ٿئي ٿو. اسلوب جي سطح تي به، ۽ لهجي ۽ ٻوليءَ جي سطح تي به. جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ ۾، شوقين شاعر جا گودام ڀريا پيا آهن. پر ڏٺو وڃي ته منفرد اسلوب ۽ انفرادي لهجي وارا شاعر گهڻا آهن؟ ڳڻپ ڪرڻ لاءِ آڱرين تي آڱوٺو رکندا سين ته پنج ڇهه آڱريون خالي رکڻيون پونديون. مان ادل کي نهايت اعتما سان سنڌي ٻوليءَ جي ۽ خاص ڪري نئين ٿهيءَ جي انهن ٿن چئن شاعرن مان هڪ ٿو سمجهان جن وٽ نه فقط لهجي جي انفراديت موجود آهي، پر ان سان گڏو گڏ اظهار لاءِ هن وٽ بلڪل پنهنجو هڪ انوکو ميڊيم به آهي. تڏهن ته مان اڪثر يارن کي چوندو آهيان ته، ادب ۾ ڪيترائي سومرا پاڻ پتوڙن پيا. پر سائين! غلام نبي سومرو ۽ ادل سومرو ڪير سڏائي؟ ادل گزيٽيڊ شاعر آهي. ان جي باوجود مون هن کي ڪڏهن به ڪمپليٽ سوٽ ۽ نيڪ ٽاءِ جي ڪاسٽيوم ۾ ناهي ڏٺو. نه ڪڏهن وار وڌائي جينز پائي، اشتهاري عشق ڪندي، نه ئي خلائن ۾ خواب ڏسندي، خيالي محبوبائن کي لَو ليٽرس لکندي ڏٺو آهي.

ادل جي تن اندر جيڪو من آهي، ان جو ڪو هڪ رُخُ ڪونهي. اجهو ٻنهه ڏاهن ٻارن وانگي سيرئس ويٺو آهي، ۽ اجهو ويٺو هاٽي پاڻ به کلي ۽ خلق کي به کلائي. لفظن مان پُتلين جو تماشو ڏيکارڻُ، ميجڪ شو منعقد ڪرڻ جي جيتري سَگهه ادل ۾ آهي، شايد ئي سندس ڪنهن همعصر وٽ هوندي. ادل، سُٽن ۽ وٽي جملن جي ڪمپيوٽر مشين آهي. سندس طبيعت روان ٿي وئي ته، جهڙو آٽوميٽڪ مشين: انهن جملن جو هوند ڪيتلاگ ٺاهجي ته انهن جو تعداد ادل جي ڪُل شاعريءَ کان به وڌيڪ ٿيندو. اڇا! ادل جي شاعريءَ مان نظرين جي ڌپَ ٿي اچي يا مٽيءَ جي خوشبو؟ ظاهر آهي مٽيءَ جي خوشبوءِ..... ها! نظرياتي سطح تي، شاعري ادل وٽ سَگهه سو ضرور آهي، پر سلوگن نه قطعي نه ۽ ريڊي ميڊ ڳوڙها نه، پمفلٽ بازي ..... بس رُڳو هڪ شدت ۽ پيڙ منجهه اوس آهي. جيڪا ذهن کي جهنجهوڙي

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دل کي ترڦائي ٿي وجهي. وليون وڻ ڦلاريا ۾ سڀ گُل سُرها سڀُ وليون سُرهيون ۽ سڀُ وڻ سدا بهار آهن، جن کي اکين ۾ رَکي چَپر پيڙبا تہ، لُڙڪن جي صورت ۾ ڪُجهہ رَتُ ڦُڙا اوس ڳڙي پوندا، ۽ اهو ئي ادل جي شعرن جي ملهائيو حصو بہ تہ آهي. ۽ هن جي شاعريءَ ۾ جيڪو آدرش آهي، اُهو ماڳ جو سَمورو پندُ ڪٽي نہ، پر پہ ٿي وکون روشن ڪرڻ جي سَگهہَ ضرور رکي ٿو. ادل ۾ هڪ خرابي بہ تہ آهي اها هيءَ تہ، ڏينهن بہ ڏينهن اسين وڃون پيا جهُونا ٿيندا ۽ هو آهي جو اڃان تائين اهڙي جو اهڙو، اوڏي جو اوڏو. اڃا! ادل کي 'بودليئر' جي لفظن ۾ سدا جوان رهڻ جو حق بہ تہ آهي! چو؟ چوتہ، هن ڪڏهن بہ اسان سان ڪُوڙ نہ ڳالهايو -

شال ادل جو قلم سدا سلامت رهي ۽ سندس آڳريون ان جي بوجهہ کان ڪڏهن بہ نہ ٿڪجن، ڪڏهن بہ نہ.....!

**نصير مرزا**

20.05.1984

**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ادل سومري جو ڪلامُ پنهنجي فن جي حيثيت سان ترقيءَ جي راهَ تي آهي. اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي تہ نوجوان ترقي پسند شاعرن ۾ هڪ سمجهہ واري شاعر جو اضافو ٿيو آهي. سکر جي مٽي شاعر خيز آهي، شال اجان بہ وڏيڪ شاعر پيدا ڪري. شرط آهي تہ ادل تمام گهڻو جديد ۽ قديم ڪلام مطالع ڪندو رهي.

**غلام محمد گرامي**
**14 سيپٽمبر 1974ع**
**خيرپور ميرس.**

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com


اهو ڏسي خوشي ٿئي ٿي تہ اسان جي نئين نسل جا نوجوان، شعر ادب جي ميدان ۾ نوان نوان تجربا ڪري، پنهنجي جاءِ والاري رهيا آهن.

ادل سومري بہ انهن مان هڪ آهي، اسان سندس ڪلام تي فخر ٿا ڪيون ـ هُو، ڏارين ٻولين جا وڏا وڏا لفظ استعمال ڪرڻ بدران، پنهنجيءَ ٻوليءَ جا مٺڙا، سِباجهڙا جملا ۽ لفظ ڪم آڻي، آسانيءَ سان اسان تائين پنهنجي دل جي ڳالهہ پهچائي، اسان کي سمجهڻ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو. سندس ڪلام فقط ڪلام نہ، بلڪ دُکي انسانيت لاءِ پيغام آهي.

**سلميٰ صديق قاضي**

**8 جون 1976ع، ٺارو شاهہ**

E-MAIL: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com




**E-MAIL**: abdullateefansari@yahoo.com
abdul.lateef_ansari@hotmail.com